
PPRS
Promoting Private Schooling in Rural Sindh

# Get Ahead ENGLISH 1



January, 2015

لرننگ سپورٽ يونٽ
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

شرڪت ڪندڙن لاءِ ڪتابچو

# فهرست

Introduction........................................................................................................................2

Unit 1 ...................................................................................................................................3

Look and Say (Pg # 1 to 3) ...................................................................................................3

Unit 2 ...................................................................................................................................8

The Alphabet (Pg # 4 to 14)...................................................................................................8

Unit 3 ...................................................................................................................................11

Big Letters, Small Letters (Pg # 15 to 24) ..............................................................................11

Unit 4 ...................................................................................................................................13

Numbers and Colors ............................................................................................................13

Unit 5 ...................................................................................................................................17

Animals, Birds and Fruits .....................................................................................................17

Unit 6 ...................................................................................................................................23

About Me .............................................................................................................................23

Unit 7 ...................................................................................................................................27

My World.............................................................................................................................27

Unit 8 ...................................................................................................................................34

Revision ..............................................................................................................................34

# Introduction

Learning Support Unit of Sindh Education Foundation (SEF) has developed this training manual for the teachers training program of SEF innovative project Promoting Low-cost Private Schooling in Rural Sindh (PPRS). During the development and compilation of this manual, it was specially considered that this manual should encompass all the strategies and guidance for the teachers essential to effectively teach Get Ahead English – 1, in their respective schools.

This manual not only aims at the pedagogical and strategic strengthening of the teachers for teaching OUP Get Ahead English – 1, but also provides assistance in form of guidelines and planning for teaching each page of the book, sample worksheets, specimen interactive activities with content related to the real life instances etc.


It is expected from the teachers to make use of the content and strategies given in this manual combined with their own experience, expertise and innovation for imparting quality education in PPRS Schools. Learning Support Unit (SEF) welcomes any feedback provided for the improvement of teaching-learning processes in SEF Schools.

# Unit 1

## Look and Say (Pg # 1 to 3)

### Brainstorming

(Show And Tell)



اُستاد هڪ ٽوڪري ۾ هيٺ ڏنل مختلف شين جا تصويري ڪارڊ رکي چوندو ته پاڻ هڪ راند کيڏندا سين ، جنهن جو نالو آهي” شو اينڊ ٽيل“ يعني ڏسو ۽ ٻڌايو ، مان اوهانکي جيڪا شيءِ ڏيکاريان توهان انهي شيءِ جو نالو مونکي انگريزي ۾ ٻُڌائيندا.


اُستاد کي گهُرجي ته جيڪي تصويرون ڪتاب ۾ ڏنل آهن ، انهن تصويرن جا فليش ڪارڊز ٺاهي يا ڪتاب کي استعمال ڪندي هر هڪ تصوير بابت ٻارن کان پُڇي ، جيڪڏهن ، ٻار سوالن جا جواب صحيح ڏين ٿا ته انهن جي تعريف ڪري ۽ جيڪڏهن ٻار سوالن جا جواب صحيح نه ٿا ڏيئي سگهن ته اُستاد کين سوالن جا جواب ٻُڌائي سندن ڄاڻ ۾ اضافو ڪري. مثال طور: ڪتاب جي هڪ تصوير Apple کي واضح ڪرڻ لاءِ اُستاد ٻارن کان هيٺيان سُوال پُڇي جنهن جي مدد سان ٻارن جي ذهني آزمائش ۽ آمادگي ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو.








- منهنجي هٿ ۾ ڇا جي تصوير آهي؟
- اِها اسان ڇا جي لاءِ استعمال ڪندا آهيون؟
- توهان اِهو ڪٿي ڏسندا آهيو؟


### New Words

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ کين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪيڙڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو ته اُهي انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾اندر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | | Meaning |
|---|---|---|
| Dish |  | ڊش / ٽري |
| Telephone |  | ٽيليفون |
| Ice Cream |  | آئس ڪريم |
| Van |  | وين / ويگن |

| | |
|---|---|
| Car  | كار |
| Ball  | بال |
| Bat  | بيٽ |
| Cake  | ڪيڪ |
| X-Ray  | ايڪس ري |
| Radio  | ريڊيو |
| Orange Juice  | نارنگي رس |
| Pakistani Flag  | پاڪستاني جهنڊو |
| Jug  | جگ |
| Sun  | سج |
| Lamp  | بتي |
| Jeep  | جيپ |


| | | |
|---|---|---|
| Egg |  | بيضو/ انڊو |
| Yolk |  | انڊي/بيضي جي زردي |
| Gate |  | گيٽ/ وڏو دروازو |
| Fish |  | مڇي |
| Kite |  | لغڙ |
| Zebra |  | زيبرا |
| Airplane |  | هوائي جهاز |
| Queen |  | راڻي |
| Elephant |  | هاٿي |
| Key |  | چابي |
| Watch |  | واچ/گھڙي |

| | | |
|---|---|---|
| Monkey |  | پولڙو |
| Apple |  | صوف |
| Doll |  | گُڏي |
| Oil Bottle |  | تيل جي بوتل |
| Rocket |  | راڪٽ |
| News Paper |  | اخبار |
| Nest |  | آکيرو |

## Classroom Activity

اُستاد ڪتاب ۾ ڏنل مختلف شين جي نالن ۽ تصويرن جا فليش ڪارڊ ناهي ۽ پوءِ شاگردن جا گروپ ناهي ، انهن کي هدايت ڪري تہ هو پاڻ ۾ ويهي هڪ هڪ فليش ڪارڊ کڻي ان شيءِ جو سنڌي نالو ٻڌائين ۽ اُن شيءِ بابت پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪن.

## Reading






اُستاد سڀ کان پهرين ڪلاس ۾ سينڊوچ طريقيڪار تحت سبق پڙهندو تہ جيئن شاگردن کي سبق ۾ موجود لفظن جي معنيٰ ۽ سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي. اُن بعد اُستاد 2+3 طريقيڪار تحت سبق پڙهندو. مثال طور: اُستاد لفظ Apple پاڻ ٽي دفعا پڙهندو ۽ اُن کانپوءِ شاگردن کي چوندو: Now Say With Me ”هاڻ مون سان گڏ پڙهو“ ۽ پوءِ اُستاد سان گڏ ٻہ دفعا شاگرد ورجائيندا. اُن بعد اُستاد شاگردن کي Peer Method ذريعي جوڙين ۾ ويهي پڙهائيندو ۽ آخر ۾ هر هڪ شاگرد کان Individual Reading ڪرائيندو تہ جيئن اِن ڳالهہ جي پڪ ٿي وڃي تہ هر هڪ شاگرد کي سبق ياد ٿي ويو.


## Writing

اُستاد هر هڪ تصوير جو نالو بور ڊ تي لکي ۽ ٻارن کان پُڇي تہ هِن کهڙي شي ۽ جو نالو لکيو آهي ۽ ٻارن کي چوي تہ اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

## Assessment







هِن يونٽ ۾ اُستاد شاگردن کي34 شين جا نالا سيکاريا آهن هاڻ انهن لفظن جي ذخيري جي جانچ ڪرڻ لاءِ اُستاد شاگردن کي ٻن گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر گروپ کي واري واري سان هڪ هڪ ڪري شين جا نالا ٻُڌائڻ لاءِ چوندو. جيڪو گروپ وڌيڪ نالا ٻڌائيندو اُهو گروپ کٽي ويندو.

**نوٽ:** اُستاد ڪوشش ڪندو تہ هر ٻار کي موقعو ملي.

# Unit 2

## The Alphabet (Pg # 4 to 14)

### Brainstorming

(Question &Answer)

اُستاد ٻارن کان پُڇندو تہ اسان Unit 1 ۾ ڇا سکيو؟ ٻار ٻڌائيندا تہ مختلف شين جا نالا. پوءِ ٻار نالن کي دهرائيندا. ضرورت پوڻ تي اُستاد ٻارن کي شين جا فليش ڪارڊز ڏيکاريندو ۽ پوءِ ٻارن کي Apple جو فليش ڪارڊ ڏيکاريندي اِهو پڇندو تہ Apple جي شروع وارو آواز ڪهڙو آهي؟ اُستاد ٻارن سان گڏ A ورجا ئيندو ۽ پوءِ ٻارن کي چوندو تہ هاڻي اسان A کي لکڻ ٿا سکون ۽ ڪتاب ۾ ٿا ڏسون تہ A ڪيئن لکيل آهي. اهڙي طرح اُستاد سڀني الفابيٽس جا نالا دهرائيندو.

**<u>نوٽ</u>:** اُستاد ڪوشش ڪري اُنهن سڀني لفظن (الفابيٽس) جون تصويرون شاگردن کي ڏيکاري.

### New Words

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ کين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪيڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو تہ اُهي انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾ انڊر لائين ڪن. شاگرد اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪندا.


| Word | Meaning |
|---|---|
| Hen  | ڪُڪڙ |
| Pencil  | پينسل |
| Umbrella  | ڇٽي |

### Classroom Activity

1. اُستاد هيٺ ڏنل ٽيبل بورڊ تي ٺاهيندو ۽ ٻارن کان پُڇندو تہ ڪهڙي الفابيٽ کي ڪهڙي تصوير سان ملائجي، يا ڪهڙي تصوير جو شروع وارو آواز ڪهڙي الفابيٽ سان ملي ٿو.

| First letter of the word | Picture |
|---|---|
| A |  |
| B |  |
| C |  |
| D |  |

2. اُستاد مختلف شين جي نالن جا ڪارڊ ۽ انهن شين جا تصويري ڪارڊ پاڻ ۾ ملائي شاگردن آڏو رکندو ۽ کين هدايت ڪندو تہ هو انهن تصويري ڪارڊن کي انهن جي نالن سان ميچ ڪري رکن.




## Reading

اُستاد شاگردن کي A-Z تائين اکر سُر ۾ پڙهائي پوءِ هر اکر سان ڪتاب ۾ ڏنل لفظن کي ملائي ڪري پڙهائي. پڙهائڻ لاءِ اُستاد 2+3 طريقيڪار استعمال ڪندو.

**ABC poem**


ABCDEFG
HIJK
LMNOP
QRS
TUV
WXYand Z
Now I have sung the ABC’s.
Won’t you come and sing with me?



## Writing



اهو تمام ضروري آهي تہ جڏهن ٻار پهريون دفعو لکڻ شروع ڪن تہ انهن کي اکر جي صحيح بناوت سيکاري وڃي، تحقيق سان اِها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ جيڪڏهن شاگرد پهريان اکر صحيح نموني لکڻ سِکي ٿا و ٿن تہ اڳتي هلي انهن کي لفظ لکڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. اُستاد جڏهن سڀ کان پهرين ڪلاس جي شاگرد کي ڪاپي ۾ لکرائڻ شروع ڪري تہ اُن کي پهرين چئن لائينن واري ڪاپي تي لکرائي. اِها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گُهرجي تہ وڏي ABC مٿئين ٽن لائينن تي لکي ويندي آهي.




اُستاد بورڊ تي A جي وڏي شڪل ناهي ۽ ڊائريڪشن کي سمجهائڻ خاطر تير جا نشان لڳائي سمجهائيندو تہ اکر ڪٿان شروع ڪجي ۽ ڪٿي ختم ڪجي. شاگرد اُستاد جي سمجهاڻي جي پوئيواري ڪندي لکڻ جي مشق ڪندا.
(Revision) اُستاد ڪتاب ۾ page no 13, 14 تي ڏنل رنگن واري مشق ڪرائيندو.

## Assessment

اُستاد سيني شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي هڪ الڳ پزل گيم (لفظ ڳاهڻ)حل ڪرڻ لاءِ ڏيندو.


| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| D | W | K | Z | L |
| I | F | I | S | H |
| S | C | T | O | E |
| H | A | E | U | N |
| R | R | Q | Y | M |

(KITE, FISH, DISH, HEN, CAR)

# Unit 3

## Big Letters, Small Letters (Pg # 15 to 24)

### Brainstorming




اُستاد شاگردن کي الفابيٽس جي ننڍي شڪلين جو تعارف ڪرائڻ لاءِ الفابيٽس جي ننڍي شڪلين جا فليش ڪارڊ ٺاهي ٻارن کي ڏيکاري ۽ انهن کي مختلف مثالن ذريعي سمجهائي ته جيئن اسان جڏهن ننڍا هئاسين ته اسان جي شڪل به ننڍي هُئي ، هاڻ جڏهن اسان وڏا ٿيا آهيون ته اسان جي شڪل به وڏي ٿي وئي آهي. اهڙي طرح اکرن جي به هڪ ننڍي شڪل هوندي آهي ۽ هڪ وڏي شڪل هوندي آهي.

### New Words

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ ڪين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪرڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو ته اُهي انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾ انڊر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| Cat | ٻلي |
| Mat | تڏو |
| Paper | پنو |
| Fat | ٿُلهو / ڄرٻي |
| Pen | قلم/ پين |
| Den | شينهن جي رهڻ جي جڳهه |
| Tap | نل/ ٽونٽي |
| Fin | ڪنيڙاتي |
| Tin | ٽين |
| Pin | سُئي |
| Bow | ڪمان /بو |
| Row | قطار لائين |
| Hat | ٽوپلو |
| Low | هينيون |
| Run | ڊوڙڻ ,ڀڄڻ |
| Man | ماڻهو مرد |
| Fun | مزو |

## Classroom Activity

اُستاد ڪلاس جي سيني شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي وڏي ۽ ننڍي ABC جا اکر ننڍين پنن تي لکيل هڪ شيٽ ڏيندو ۽ هدايت پڻ ڪندو ننڍي ۽ وڏي ABC جي اکرن کي ترتيب سان شيٽ تي لڳائين.

| | |
|---|---|
| A | C |
| C | D |
| B | A |
| D | B |




## Reading


اُستاد شاگردن کي هر هڪ اکر جو صحيح تلفظ ۽ اُچار 2+3 طريقيڪار تحت پڙهائيندو.

## Writing

اُستاد ننڍي abc لکرائڻ وقت شاگردن کي Grass Letters, Sky Letters ۽ Root Letters بابت چاڻ ڏيندو


Root Letters لکڻ جو طريقيڪار:

رُوٽ ليٽرز/اکر چار ليڪن جي آخري ٽن ليڪن تي لکيا ويندا آهن. اُهي Root Letters هي آهن: (g, j, p, q, y)




Grass Letters لکڻ جو طريقيڪار:

گراس ليٽرز/اکر چئن لڪيرن جي وچ وارين ٻن لڪيرن تي لکيا ويندا آهن ۽ اُهي اکر هي آهن:
(a, c, e, i, m, n, o,  r, s, u, v, w, x, z)



Sky Letters, لکڻ جو طريقيڪار:

اسڪائي ليٽرز/اکر مٿئين  ٽن لڪيرن تي لکيا ويندا آهن، جيڪي هي آهن: (b, d, f, h, k, l, t)



جنهن ڪانپوءِ اُستاد ٻارن کي ڪتاب ۾ ڏنل (17ء Page # 16) تي جيڪا لکائي جي مشق آهي، اُها ٻارن کان انهن جي ڪاپين ۾ ڪتاب ۾ ڪرائيندو.

(Revision): اُستاد ڪتاب ۾ (page # 18, 20, 21, 22, 23, 24) تي ڏنل سرگرميون ڪرائي، جن جي مدد سان شاگردن جو ورجاءُ به ٿيندو ۽ انهن کي ڪلاس ۾ ڪم ڪرڻ ۾ مزو به ايندو.

## Assessment

اُستاد هيٺ ڏنل نموني تحت شاگردن کي بورڊ تي يا انهن جي ڪاپين تي وڏي ABC لکي ڏئي ۽ انهن کي چوي ته ننڍي abc لکي ڏيکاريو.

T________ U_________M_________R_________S________

G________ L_________W_________E_________J_________

# Unit 4

## Numbers and Colors

### Numbers (Page # 25)

### Brainstorming



اُستاد ٻارن کي پنهنجو هٿ ڏيکاريندو ۽ پڇندو ته هي ڇا آهي؟ آڱرين جي باري ۾ پڇندو ته اسان جي ٻنهي هٿن ۾ ڪُل گهڻيون آڱريون آهن؟ اچو ته پنهنجي هٿن جون آڱريون ڳڻيون. اِهو ممڪن آهي ته ٻار پنهنجي مادري ٻولي ۾ ڳڻپ ڪن تنهن تي اُستاد کين همٿائيندي ٻڌائيندو ته اڄ اسين انگريزي ٻولي ۾ هڪ کان ڏهن تائين ڳڻپ سکندا سين. اُن کانپوءِ اُستاد پنهنجي هٿ جون آڱريون ڳڻائيندي انگريزي One To Ten Numbers سيکاريندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته سيئي انفرادي طور تي پنهنجي پنهنجي هٿن جي آڱرين جي ڳڻپ ڪن.

### New Words

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ کين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪيڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو ته اُهي انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾ انڊر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| One | هڪ |
| Two | ٻه |
| Three | ٽي |
| Four | چار |
| Five | پنج |
| Six | ڇهه |
| Seven | سَت |
| Eight | اَٺ |
| Nine | نَوَ |
| Ten | ڏهه |

### Classroom Activity

اُستاد ڪلاس جي سيني شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي مختلف شيون جيئن: ننڍڙا پٿر، ٻجن جا داڻا، پن ۽ تيليون وغيره ڏيندو ۽ انهن شين کي ڳڻڻ لاءِ چوندو. اُن کان علاوه صفحي نمبر 26 تي ڏنل مشق حل ڪرائيندو.

## Reading


اُستاد واري واري سان هر هڪ شاگرد کي گُهرائيندو ۽ کين ڪلاس جي ٻين ٻارن کي انگ پڙهائڻ لاءِ چوندو.

## Writing

اُستاد ڪلاس جي هر هڪ شاگرد کي بورڊ ڏانهن گهُرائيندو ۽ انهن کان ڳڻپ، اکرن ۽ انگن ٻنهي طريقن سان لکرائيندو. اُن کانپوءِ کين پنهنجي ڪاپين ۾ پڻ لکڻ لاءِ چوندو ۽ ضرورت مطابق شاگردن جي مدد ڪندو.

## Assessment

هيٺ ڏنل ورڪ شيٽ ۾ جيڪي شيون ڏنل آهن ، اُهي ڳڻي ٻئي خاني ۾ انگن ۾ لکو.

| Things | Count |
|---|---|
|  | |
|  | |
|  | |
|  | |

**Practice (Page # 26)**

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ صفحي نمبر 26 تي ڏنل سرگرمي انفرادي طور تي حل ڪرائيندو.

## Rainbow Colors (Page # 27)

### Brainstorming

اُستاد شاگردن کي هيٺ ڏنل Rainbow جي تصوير ڏيکاريندو ۽ اُن متعلق سوال ڪندو ته:



توهان ڪڏهن اِهي رنگ ايئن گڏ ڏٺا آهن؟

اوهان اِهي رنگ ڪٿي ڏٺا آهن؟

اوهان ڪڏهن انهن رنگن کي ڳڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟

ٻارن جي مختلف جوابن کي ٻُڌڻ کانپوءِ اُستاد ٻارن کيRainbow جي ستن رنگن جا نالا ٻُڌائيندو. اُن کانپوءِ ڪتاب جي صفحي نمبر 27 تي ڏنل چئن رنگن (Red, Blue, Yellow and Green) بابت وڌيڪ وضاحت ڪندو. انهن چئني رنگن متعلق ڪلاس روم ۾ سرگرميون ڪرائيندو.

### New Words

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ ڪين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪيئن سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو ته اُهي انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾اندر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| Rainbow | اندلٺ/پينگهه |
| Blue | نيرو/بلو |
| Yellow | پيلو/ڦڪو |
| Green | سائو |
| Red | ڳاڙهو |

### Classroom Activities




اُستاد ٻارن کي چئن گروپن ۾ ورهائيندو هر گروپ کي هڪ رنگ جو نالو ڏيندو مثال طور: سائو گروپ، ڳاڙهو گروپ، نيرو گروپ ۽ ڦڪو گروپ. اُستاد هر گروپ کي هڪ شيٽ ڏيندو ۽ڪين هدايت ڪندو ته گروپ ۾ موجود هَر ٻار انفرادي طور چارٽ تي پنهنجا پنهنجا هٿ ڇاپي ۽ گروپ ۾ ڏنل رنگ انهن هٿن ۾ ڀري.

## Reading

اُستاد سيني کان پهرين ڪلاس ۾ سينڊوچ طريقيڪار تحت سبق پڙهندو ته جيئن شاگردن کي سبق ۾ موجود لفظن جي معنيٰ ۽ سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي. اُن بعد اُستاد 2+3 طريقيڪار تحت سبق پڙهندو. اُن بعد اُستاد شاگردن کي Peer Method ذريعي جوڙين ۾ ويهي پڙهائيندو ۽ آخر ۾ هر هڪ شاگرد کان Individual Reading ڪرائيندو ته جيئن اِن ڳالهه جي پڪ ٿي وڃي ته هر هڪ شاگرد کي سبق ياد ٿي ويو.

## Writing

اُستاد ٻارن کي چوي ته ڪنهن شيٽ يا  سادي پنن تي چئن مختلف رنگن جون شيون ڻاهي انهن جا نالا لکي ڏيکاريو.

## Assessment

اُستاد چئني رنگن جون تصويرون يا شيون ڏيکاري ۽ انهن جا نالا شاگردن کان پڇي.

| | |
|---|---|
| What is the color of apple? | صوف جو رنگ ڪهڙو آهي؟ |
| What is the color of grass? | گاهه جو رنگ ڪهڙو آهي؟ |
| What is the color of mango? | انب جو رنگ ڪهڙو آهي؟ |
| What is the color of sky? | آسمان جو رنگ ڪهڙو آهي؟ |

**Colour by numbers (Pg # 28)**

اُستاد کي گهرجي ته شاگردن کي ڪنهن فارم، باغ يا ٻني تي وٺي وڃي ۽ اُتي کين چوي ته انهن کي جيڪي ڏُٺايل چئن رنگن جون شيون نظر اچن ٿيون، انهن جون تصويرون ڻاهين ۽ پوءِ ڪلاس ۾ اچي پنهنجو ڪيل ڪم ڪلاس ۾ سيني ساٿين اڳيان پيش ڪن. اُن کان علاوه صفحي نمبر 28 تي ڏنل مشق به حل ڪرائيندو.

# Unit 5

## Animals, Birds and Fruits

### Animals (Pg # 29)

**Brainstorming**

اُستاد مختلف جانورن جا آواز ڪڍندو ۽ شاگردن کان انهن آوازن ذريعي جانورن جي سُڃاڻپ ڪرائيندو. اُستاد انهن ئي جانورن جا آواز ڪڍندو ، جن جون تصويرون ڏنل آهن. جن ۾ ٻڪري، ڪُتو، شينهن، ٻِلي، هاٿي جون تصويرون شامل آهن. اِن سرگرمي ڪرائڻ کانپوءِ اُستاد شاگردن کي چوندو تہ اڄ اسين مختلف جانورن يعني Animals جي باري ۾ پڙهنداسين.

**New Words**

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ ڪين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪڍڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو تہ اُهي انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾ انڊر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو تہ هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| Animal | جانور |
| Elephant | هاٿي |
| Dog | ڪُتو |
| Lion | شينهن |
| Goat | ٻڪري |
| Type | قسم |

**Classroom Activities**

اُستاد شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي انگلش ۽ سنڌي ۾ ٻڌائيندو.

**Story of a Goat**

Once upon a time a goat was crossing a small bridge, built over a water course, the width of the bridge was narrower, that all of sudden another goat appeared from the opposite direction When they reached at the center of the bridge Each one was standing firm for returning back, and started horning with each other resulting which both of them fell down in the stream and sank away.

**Moral:** Personal grudge and ego are dangerous and destructive.

**ٻڪري جي ڪهاڻي**

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ هڪ ٻڪري هڪ ننڍڙي پُل پار ڪري رهي هئي. جيڪا هڪ واهہ جي مٿان ٺهيل هئي. اُن پُل جي ويڪر تمام گهٽ هئي اوچتو پُل جي ٻئي پاسي کان ان کي ٻي ٻڪري ايندي نظر آئي. جڏهن ٻئي ٻڪريون پُل

جي وچ تي پهتيون تہ ٻئي پکيون ٿي ٻيهي رهيون تہ واپس نہ موٽنداسين ۽ ٻنهي هڪ ٻئي کي سڱ هڻڻ شروع ڪيا جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي واهہ ۾ هيٺ ڪري پيون ۽ ٻُڏي ويون.

ڪهاڻي مان اهو سبق ملي ٿو تہ هَٺ ۽ اَنا جو هجڻ خطرناڪ ۽ نقصانڪار هوندو آهي.

## Reading

اُستاد Sandwich Reading Method ذريعي سبق ۾ ڏنل جانورن جا نالا انگريزي ۽ سنڌي ۾ ٻُڌائيندو. انهيءَ ڪانپوءِ 3+2 واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفظ سان پڙهائيندو.

## Writing

اُستاد شاگردن کي ڪهاڻين ۽ بيتن ۾ جن جانورن جا نالا پڙهايا، اُنهن کي پنهنجي ڪاپي ۾ لکڻ لاءِ چوندو.

## Assessment

اُستاد شاگردن کي مختلف گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي هڪ رنگين شيٽ ۽ مختلف جانورن جون تصويرون ٺاهي يا ڪنهن رسالي يا اخبار وغيره مان ڪٽي ڏيندو ۽ هدايت ڪندو تہ ڏنل شيٽ تي ڪٽيل جانورن جون تصويرون لڳائين ۽ انهن جا نالا لکن.

**Birds (Pg # 30to 31)**

## Brainstorming

اُستاد هيٺ ڏنل ڪهاڻي شاگردن کي ٻڌائيندو ۽ آخر ۾ ڪانئن ڪهاڻي بابت سوال پڻ پڇندو.

## Story of Crow

Once there was a thirsty crow , that flew here and there in search of water, at least he found a pitcher lying under a tree, but water was at the bottom of the pitcher, the beak of the crow could not reach at the bottom of the pitcher, so it planned a plan how to raise the level of the water, some pebbles were lying around the pitcher, so crow took these pebbles one by one and threw them into the pitcher, by throwing these pebbles, the water level rose and crow quenched its thirst and flew away.

## ڪانوَ جي ڪهاڻي

هڪ دفعي هڪ اُڃايل ڪانءُ هو جيڪو پاڻي جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي رهيو هو. آخرڪار هڪ وڻ جي هينيان هن کي هڪ پاڻي جو دلو رکيل نظر آيو. پر پاڻي دلي جي صفا تري ۾ پيل هو. سو ڪانءُ هڪ منصوبو ناهيو تہ پاڻي جي سطح کي مٿي ڪيئن آڻجي؟ ڪجهہ پٿريون دلي جي پرسان پيون هيون سو ڪانءُ هڪ هڪ ڪري پٿريون دلي ۾ وجهڻ شروع ڪيون. دلي ۾ پٿريون وجهڻ سان پاڻي جي سطح مٿي اچي وئي ۽ ڪانءُ پنهنجي اُڃ اجهائي اُڏامي ويو.

## New Words

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 3+2 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ کين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪرڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو تہ اُهي انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾انڊر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو تہ هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| Bird | پکي |
| Crow | ڪانءُ |
| Sparrow | جهرڪي |
| Hen | ڪُڪِڙ |
| Peacock | مور |
| Duck | ٻدڪ |

## Classroom Activities

اُستاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل مختلف پکين جا فليش ڪارڊ ڏيندو ۽ کين گروپن ۾ ورهائي هدايت ڪندو تہ هو انهن پکين جون شڪليون ڏسي ، انهن کي انگريزي نالن سان سڃاڻين ۽ اُنهن بابت گروپن ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪن.

## Reading

اُستاد Sandwich Reading Method ذريعي سبق ۾ ڏنل پکين جا نالا انگريزي ۽ سنڌي ۾ ٻُڌائيندو ۽ اُن ڪانپوءِ 3+2 واري طريقي مطابق سبق ۾ ڏنل مواد صحيح تلفظ سان پڙهائيندو.

**Writing**

اُستاد ڪتاب جي صفحي نمبر 31 تي ڏنل مشق ڪرائيندو. جنهن جي مدد سان شاگرد واحد ۽ جمع جو تصور بہ سکندا.

اُستاد شاگردن کي سبق ۾ پڙهايل پکين جا نالا پنهنجي ڪاپي ۾ لکڻ لاءِ چوندو.

**Assessment**

اُستاد شاگردن کي مختلف گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي هڪ رنگين شيٽ ۽ مختلف پکين جون تصويرون ڪٽي ڏيندو ۽ کين هدايت ڪندو تہ ڏنل شيٽ تي پڙهايل پکين جون تصويرون لڳائي نالا لکن.

## Fruits (Pg # 32to 33)

### Brainstorming

اُستاد ٻارن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندي ڪائن پُڇي تہ اسان ڪاڏي ﻣﺎ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون کائيندا آهيون؟ اُستاد ٻارن جا جواب بورڊ تي لکندو ويجي ۽ جڏهن ٻار ميون جي باري ﻣﺎ ٻڌائين تہ پوءِ اُستاد ميون جا فليش ڪارڊز (صوف، ڪيلو انب، نارنگي ۽ آلوبخارو) ڏيکاريندي هر ميوي جي رنگ، شڪل، سائيز بابت پُڇي ۽ اِهو پڻ پُڇي تہ اِهو ميوو ڪهڙي موسم ﻣﺎ ٿيندو آهي ۽ انهن ميون جا فائدا پڻ ٻڌائي .

### New Words

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ ڪين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪيڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو تہ اُهي انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ﻣﺎاندر لائين ڪن. آخر ﻣﺎ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو تہ هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ﻣﺎ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| Fruit | ميوو |
| Mango | انب |
| Banana | ڪيلو |
| Orange | نارنگي |
| Plum | آلوبخارو |

### Classroom Activities



اُستاد ڪلاس روم ﻣﺎ ٻارن کان رول پلي ڪرائي ، رول پلي لاءِ شاگردن کي گروپ ﻣﺎ ورهائي ، هر گروپ کي هڪ فروٽ جو نالو ڏي مثال طور: هڪ گروپ جو نالو آهي Mango. اُستاد گروپ ﻣﺎ شامل هر شاگرد جي ڳَلَ تي انب جي تصوير ناهي ۽ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ ڦِڪي رنگ جي شيٽ تي انب جي شڪل ڪٽي ڊرائنگ ناهي. هرگروپ ڪلاس جي ٻين شاگردن اڳيان هيٺ ڏنل ڊائلاگ ادا ڪن ان کان علاوه پريزنٽيشن دوران شاگرد Mango جون خاصيتون بہ ٻڌائي سگهن ٿا.

Hi, Fellows
My name is Mango
I am the king of all Fruits

**نوٽ:** اُن کان علاوه ٻين مختلف ميون لاءِ بہ اُستاد ساڳئي طريقي سان ڪلاس ﻣﺎ سرگرميون ڪرائي سگهي ٿو.

### Reading

اُستاد سڀ کان پهرين ڪلاس ﻣﺎ سينڊوچ طريقيڪار تحت سبق پڙهندو تہ جيئن شاگردن کي سبق ﻣﺎ موجود لفظن جي معنيٰ ۽ سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ﻣﺎ اچي وڃي. اُن بعد اُستاد 2+3 طريقيڪار تحت سبق پڙهندو. اُن بعد اُستاد شاگردن کي Peer Method ذريعي جوڙين ﻣﺎ ويهي پڙهائيندو ۽ آخر ﻣﺎ هر هڪ شاگرد کان Individual Reading ڪرائيندو تہ جيئن اِن ڳالهہ جي پڪ ٿي وڃي تہ هر هڪ شاگرد کي سبق ياد ٿي ويو.

## Writing

اُستاد ڪتاب ۾صفحي نمبر33 تي ڏنل مشق ڪرائيندو, جنهن جي مدد سان شاگرد واحد ۽ جمع جو تصور بہ سکندا ۽ انگن کي ميون سان ملائي ڳڻي سگھندا.

## Assessment

اُستاد شا گردن کان مختلف ميون جا نالا پُڇندا, انهن جا رنگ پُڇندو ۽ انهن ميون بابت وڌيڪ ڳالھ ٻولھ ڪندو.

# Unit 6

## About Me

### My body (Pg # 34)

**Brainstorming**

اُستاد شاگردن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندي ٻارن کان مختلف سوال پُڇندو تہ:

جيڪڏهن اسان کي اکيون نہ هجن ها تہ اسان کي ڪيئن محسوس ٿئي ها؟

اهڙي طريقي سان اُستاد جسم جي ٻين عضون بابت سوال ڪندو. سوال هيٺ ڏنا ويا آهن. جيڪي سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين ۾ پُڇندو.

What one feels without eyes?

اکين کان سواءِ ڪو ڪيئن محسوس ڪري ٿو؟

What one feels without hands?

هٿن کان سواءِ ڪو ڪيئن محسوس ڪري ٿو؟

What one feels without feet?

پيرن کان سواءِ ڪو ڪيئن محسوس ڪري ٿو؟

What one feels without Teeth?

ڏندن کان سواءِ ڪو ڪيئن محسوس ڪري ٿو؟

**نوٽ:** اُستاد شاگردن کان سوال پُڇڻ کان پوءِ انساني عضون جي اهميت بابت ٻڌائيندو.

**New Words**

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ ڪين لفظن جو صحيح تلفظ ۾ اُچار ڪرڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو تہ اُهي انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾ انڊر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو تہ هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| Body | جسم |
| Head | مٿو |
| Hair | وار |
| Eye | اک |
| Ear | ڪن |
| Nose | نڪ |
| Mouth | وات |
| Arm | ٻانهن |
| Finger | آڱر |
| Hand | هٿ |

## Classroom Activities

اُستاد شاگردن جي آڏو پنهنجي مٿي اکين ۽ هٿ تي هٿ رکندي، اُن جو نالو انگريزي ۾ ٻڌائيندو. جيئن:

This is my Head
This is my eye
This is my nose

۽ پوءِ شاگردن کي واري واري ڪلاس جي اڳيان گُهرائي ،کين هدايت ڪري ته اُهي به ساڳي نموني پنهنجن مٿي بيان ڪيل عضون تي هٿ رکندي انهن جا نالا ٻڌائين.

## Reading

اُستاد سڀ کان پهرين ڪلاس ۾ سينڊوچ طريقيڪار تحت سبق پڙهندو ته جيئن شاگردن کي سبق ۾ موجود لفظن جي معنيٰ ۽ سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي. اُن بعد اُستاد 2+3 طريقيڪار تحت سبق پڙهندو. اُن بعد اُستاد شاگردن کي Peer Method ذريعي جوڙين ۾ ويهي پڙهائيندو ۽ آخر ۾ هر هڪ شاگرد کان Individual Reading ڪرائيندو ته جيئن اِن ڳالهه جي پڪ ٿي وڃي ته هر هڪ شاگرد کي سبق ياد ٿي ويو.

## Writing

اُستادشاگردن کي هدايت ڪندو ته هو پنهنجين ڪاپين ۾ پنهنجي تصوير ٺاهين ۽ جسم جي حصن جا نالا ڏين.

## Assessment

اُستاد شاگردن جي جائزي وٺڻ لاءِ هيٺ ڏنل سوال پڇندو:

| | |
|---|---|
| توهان ڇا سان ڏسندا آهيو؟ | With what do you see? |
| توهان ڇا سان ٻڌندا آهيو؟ | With what do you hear? |
| توهان ڇا سان سِنگهَندا آهيو؟ | With what do you smell? |
| توهان ڇا سان ڪم ڪندا آهيو؟ | With what do you work? |
| توهان ڇا سان پنڌ ڪندا آهيو؟ | With what do you walk? |
| توهان ڇا سان چَکندا آهيو؟ | With what do you taste? |

## Actions (Page # 35)

### Brainstorming

اُستاد ڪلاس ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ سيني ٻارن کي چوندو تہ مان توهان جي سامهون جيڪي ڪجهہ بہ ڪريان توهان خاموشي ۽ توجهہ سان اُن جو مشاهدو ڪريو پوءِ مان توهان کان پُڇندس تہ مون ڇا ڪيو؟ پوءِ اُستاد ڪتاب ۾ ڏنل ايڪشنز هڪ هڪ ڪري ڏيکاريندو ۽ جيڪو ايڪشن ڪندو اُن کي وڏي آواز سان ورجائيندو. مثال طور: ڪُرسي تي ويهڻ وقت چوندو: ”I sit“ اهڙي ئي طريقي سان اشارو ڪندي چوندو: ”Sit down“ ويهي رهو وري اُستاد ڪرسي تان اُٿي بيهندو ۽ چوندو: ”I stand“ ، ساڳئي نموني اُستاد ڪتاب ۾ ڏنل سمورا ايڪشنز شاگردن آڏو دهرائيندو ۽ پوءِ شاگردن کان پُڇندو تہ هاڻ توهان ٻڌايو تہ جيڪو ڪجهہ مون ڪيو، اُهو ڇا هو؟ شاگردن جا جواب ٻُڌڻ کانپوءِ اُستاد کين ٻڌائيندو تہ انهن کي Actions چئبو آهي.

### New Words

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ کين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪيڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو تہ هو انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾انڊر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو تہ هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| I | مان/آئون |
| Sit | ويهڻ |
| Down | هيٺ |
| Stand | بيهڻ |
| Smile | مُسڪرائڻ |
| Laugh | کلڻ |

### Classroom Activity

اُستاد ٻارن کي جوڙن ۾ ورهائيندو ۽ کين ڪتاب ۾ ڏنل Actions جي مشق ڪرڻ لاءِ چوندو. پوءِ هر جوڙي کي ڪلاس آڏو گهرائي تہ اُهي اچي پريزنٽيشن ڏين. هِن ڪم ۾ هر جوڙي ۾ هڪ ٻار هدايت ڏيندو ۽ ٻيو عمل ڪندو وري ٻيو ٻار هدايت ڏيندو تہ پهريون عمل ڪندو.

### Reading

اُستاد سڀ کان پهرين ڪلاس ۾ سينڊوچ طريقيڪار تحت سبق پڙهندو تہ جيئن شاگردن کي سبق ۾ موجود لفظن جي معنيٰ ۽ سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي. اُن بعد اُستاد 3+2 طريقيڪار تحت سبق پڙهندو..

### Writing

اُستاد بورڊ تي سمورا Actions معنيٰ سان لکي ۽ شاگردن کي هدايت ڪري تہ هو پنهنجين ڪاپين ۾ ڪن.

### Assessment

اُستاد هر هڪ شاگرد کي ڪتاب ۾ ڏنل هدايتون ڏئي ۽ شاگرد اُن تي عمل ڪندا، جنهن سان شاگردن جي پرک ٿيندي تہ اُنهن هدايتن کي ڪيترو سمجهي ورتو.

## Greetings (Pg # 36)

### Brainstorming

اُستاد ٻارن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندي انهن کان مختلف سوال پُڇندو تہ جڏهن اوهان صبح جو اسڪول ۾ هڪٻئي سان ملندا آهيو تہ سڀ کان پهرين هڪٻئي کي ڇا چوندا آهيو؟ جڏهن اسان پنهنجي ڪنهن دوست يا مٽ مائٽ سان ملندا آهيون تہ اُن وقت انهن کي ڇا چوندا آهيون؟ اِهو ممڪن آهي تہ ٻار انهيءَ جو جواب بلڪل صحيح ٻڌائين. اُستاد وڌيڪ وضاحت ڪندي شاگردن کي ٻُڌائيندو تہ انهيءَ کي اسان سلام دُعا يا Greetings چوندا آهيون. جيڪي Social courtesy expressions يعني سماجي خوش اخلاقي وارا جذبا يا تاثر آهن.

### New Words

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ ڪين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪيڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو تہ اُهي انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾ انڊر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو تہ هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| Hello | سلام |
| How are you? | توهان ڪيئن آهيو؟ |
| I am fine, thank you. | مان ٺيڪ آهيان، مهرباني |
| Good morning! | صبح جو سلام |
| Good afternoon! | منجهند جو سلام |
| Good night! | رات جو سلام |

Hello.
Hello.
What is your name?
My name is Ali.
And my name is Sara

### Classroom Activity

اُستاد شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر گروپ کي ڪتاب ۾ ڏنل Greetings وارن جملن جي مشق ڪرڻ جي هدايت ڪندو. اُن کان علاوه جيڪڏهن اُستاد ٻيا ڪي جملا بہ ٻارن کي سيکاري تہ اچا سُٺو آهي، جيئن:

اُستاد ٻن ٻن شاگردن کي ڪلاس آڏو گُهرائي ، انهيءَ بيت تي رول پلي ڪرائيندو ۽ اهڙي طريقي سان اُستاد Greetings جي حوالي سان پنهنجا ٻيا جملا ٺاهي ۽ انهن جي رول پلي ذريعي شاگردن کي پريڪٽس ڪرائي.

### Reading

Classroom Activity وران ٻارن جي پڙهائي جي مشق بہ ٿي ويندي ۽ اُن کان علاوه اُستاد شاگردن کي اُهي جملا سنڌي ۾ ترجمو ڪري ٻڌائي تہ جيئن انهن کي اُنهن جملن جو صحيح مطلب سمجهہ ۾ اچي وڃي.

### Writing

اُستاد بورڊ تي سمورا جملا معنيٰ سان لکي ۽ شاگردن کي هدايت ڪري تہ هو اُهي جملا پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

### Assessment

هن سبق جي جائزي لاءِ اُستاد ٻارن کان هيٺ ڏنل سوال پُڇندو:

صبح جي سلام کي ڇا چئبو آهي؟

ٻنپهرن جي سلام کي ڇا چئبو آهي؟

رات جي سلام کي ڇا چئبو آهي؟

# Unit 7

## My World

### My family (Pg #37)

**Brainstorming**




اُستاد بورڊ تي هڪ ڪڪر ٺاهيندو، جنهن جي وچ ۾ لفظ Family لکندو. اُستاد ٻارن کان سوال ڪندو ته اهو لفظ ٻڌي توهان جن ذهنن ۾ ڇا ٿو اچي؟ اُستاد ٻارن جا جواب ٻُڌندو ۽ انهن کي بادل جي چوڌاري لکندو ويندو.

اُستاد شاگردن کان انهن جي گهر ڀاتين (پيءُ، ماءُ، ڀيڻ، ڀاءُ، ڏاڏِي ۽ ڏاڏَي) متعلق پُڇندو ۽ رشتن جي اهميت بابت انهن کان سوال جواب ڪندو ۽ انهن جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه ڪندو. اُستاد جي آسانيءَ لاءِ ڪجهه سوال هيٺ ڏنل آهن:

1. توهان جي گهر ۾ ڪيترا ڀاتي آهن؟
2. توهان کي گهٽيون ڀينرون ۽ گهڻا ڀائر آهن؟
3. اهڙيون ڪي به ٻه ڳالهيون ٻڌايو جن مان اِهو ظاهر ٿئي ته توهان پنهنجي گهر ڀاتين جو خيال رکندا آهيو؟

**New Words**

اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ کين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪيڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو ته هو انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾ انڊر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| My | منهنجو |
| World | دنيا |
| Family | خاندان/ڪٽنب |
| Father | پيءُ |
| Mother | ماءُ |
| Sister | ڀيڻ |
| Brother | ڀاءُ |
| Son | پُٽُ |
| Daughter | ڌي |

## Classroom Activities

## Role Play

اُستاد ٻارن جا گروپ ٺاهيندو. انهن کي هيٺيون صورتحال ڏيندو ۽ انهن کي هدايت ڪندو تہ هو پنهنجي گرو پ ۾ رول پلي جي تياري ڪن ۽ آخر ۾ پوري ڪلاس آڏو پيش ڪن.

**گروپ 1:** جڏهن مان بيمار هوندو, آهيان تہ گهر وارن جو مون سان رويو ڪيئن هوندو آهي. مثال, امان, بابا, ڏاڏا ۽ ڏاڏي (ان صورتحال تي رول پلي ڪيو)

**گروپ 2:** گهر ۾ مهمان اچي رهيا آهن, سڀن گهر وارن جو رويو ڪيئن هجڻ گهرجي؟

**گروپ 3:** بابا شهر کان ٻاهر ويل آهي, اُن جي پٺيان ان جا ڪم ڪيئن ٿي رهيا هوندا؟

**گروپ 4:** امان جي غير موجودگيءَ ۾ گهر ڪيئن هلي رهيو هوندو؟

**اُستادن لاءِ هدايتون:**


اُستاد گروپ ٺاهي ۽ هر گروپ ۾ وڃي ٻارن کي ڏنل صورتحال مثالن سان سمجهائي. جيڪڏهن ٻارن کي ڪنهن قسم جو مونجهارو آهي تہ اُن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري . جيڪڏهن ٻار پاڻ ۾ ڪردار نہ ٿا ورهائي سگهن تہ اِها اُستاد جي ذميواري آهي تہ هو انهن ۾ ڪردار ورهائي. جڏهن سڀ رول پلي ٿي وڃن تہ اُستاد ٻارن جي ڪم جي ساراه ڪري ۽ ڪيل ڏنل ڪم تي ڳالهہ ٻولهہ ڪري.

## Reading

اُستاد سڀ کان پهرين ڪلاس ۾ سينڊوچ طريقيڪار تحت سبق پڙهندو تہ جيئن شاگردن کي سبق ۾ موجود لفظن جي معنيٰ ۽ سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي. اُن بعد اُستاد 2+3 طريقيڪار تحت سبق پڙهندو..

## Writing

اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو تہ پنهنجي گهر ڀاتين جون تصويرون ٺاهين ۽ انهن سان پنهنجو رشتو لکن. هيٺ هڪ مثال ڏنل آهي.




## Assessment

اُستاد هر هڪ شاگرد کي ڪتاب ۾ ڏنل هدايتون ڏئي ۽ شاگرد اُن تي عمل ڪندا, جنهن سان شاگردن جي پرک ٿيندي تہ اُنهن هدايتن کي ڪيترو سمجهي ورتو.

## My House (Pg # 38 to 39)

### Brainstorming

(Show And Tell)

اُستاد گھر ۾ استعمال ٿيندڙ شين جون تصويرون ھڪ ٿيلهي ۾ وجهي ڪٽي ايندو ۽ ٻارن کي اُھي تصويرون ڏيکاريندو يا اُستاد بورڊ تي واري واري سان مختلف تصويرون ٺاهيندو. مثال: Window, Vase, Table, Lamp ٻارن کان پُڇندو وجي ته هي ڇا آهي؟ جڏهن سڀ تصويرون ٿي وڃن ، تڏهن انهن کان سوال ڪري ته اهي سڀ شيون اسان کي ڪٿي نظر اينديون آهن؟ ٻارن کان جواب وٺي ۽ انهن شين جي استعمال تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪري.

### New Words


اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ ڪين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪيڻ سيکاريندو. اُن بعد اُستاد ھڪ ھڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو ته هو انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾ انڊر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| House | گھر |
| Window | دري |
| Vase | گلدستو |
| Mat | تڏو |
| Picture | تصوير |

### Classroom Activities

**سرگرمي نمبر1:**

اُستاد بورڊ تي پنهنجو گھر ٺاهي ۽ اُن ۾ مختلف شيون ٺاهي ٻارن کي ڏيکاري ۽ ٻارن کي هدايت ڪري ته هو به پنهنجي گھر جي ڊرائنگ ٺاهي ڪلاس ۾ ڏيکاري ۽ اُن کانپوءِ اُستاد ٻارن کي هيٺ ڏنل سرگرمي شيٽ به حل ڪرڻ لاءِ ڏيندو جنهن ۾ ٻار مختلف تصويرون ڪٽي ڏنل خالي جاءِ ۾ لڳائين ۽ اُن کي ھڪ ڪمري جي شڪل ڏين.



**سرگرمي نمبر** 2:

اُستاد ٻارن سان ملي هيٺ ڏنل بيت ڳائيندو.



**Poem**

Neither the east
Nor the West
But the home is the best.
Home is sweet, home is sweet

## Reading

اُستاد سڀ کان پهرين ڪلاس ۾ سينڊوچ طريقيڪار تحت سبق پڙهندو ته جيئن شاگردن کي سبق ۾ موجود لفظن جي معنيٰ ۽ سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي. اُن بعد اُستاد 2+3 طريقيڪار تحت سبق پڙهندو.

## Writing

اُستاد سبق مان ڪوبه لفظ چوندو ۽ ڪنهن ٻار کي سڏي اُن کان بورڊ تي لکرائيندو ۽ ڪلاس جي ٻين ٻارن کي هدايت ڏيندو ته ملي ڪري لفظ کي اُن جي اسپيلنگ سان پڙهن.

## Assessment

اُستاد ڪنهن به لفظ جو شروعاتي اکر بورڊ تي لکندو ۽ ٻارن کي اُهو لفظ پورو ڪرڻ لاءِ چوندو:

B__________ V__________ C__________ H__________

اُستاد بورڊ تي هيٺيان نامڪمل لفظ لکندو ۽ ٻارن کي هدايت ڪندو ته لفظ پورا ڪن. اهڙي طرح اُستاد ٻيا لفظ به ساڳئي طريقي سان ٻارن کان ڪرائيندو.

___h___ i r

_____ _____b_____l_____

W i ___ ___ ___w

___ _____n

d___ ___r

## My Classroom (Pg# 40)

### Brainstorming

(Picture Description)

اُستاد ٻارن کي صفحو 40 کولڻ لاءِ چوندو ۽ کين هدايت ڪندو ته هو ڏنل تصوير کي غور سان ڏسن ۽ ٻڌائن ته هيءَ تصوير ڪٿان جي آهي؟ اُن کانپوءِ اُستاد سوال ڪري ته هِن تصوير ۾ اوهين ڪهڙيون شيون ڏسَي رهيا آهيو؟ جيئن جيئن ٻار جواب ڏيندا ويندا اُستاد انهن کي بورڊ تي لکندو ويندو. اُن سرگرمي کانپوءِ اُستاد ڪلاس ۾ استعمال ٿيندڙ شين جي استعمال بابت ٻارن سان ڳالهه ٻولهه پڻ ڪندو.

### New Words


اُستاد شاگردن کي سبق جي هيٺ ڏنل نون لفظن کي 2 + 3 جي طريقيڪار تحت معنيٰ سميت پڙهائيندو ۽ کين لفظن جو صحيح تلفظ ۽ اُچار ڪيڻ سيکاريندو. ان بعد اُستاد هڪ هڪ ڪري نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو ۽ ٻارن کي چوندو ته هو انهن لفظن کي پنهنجي ڪتاب ۾ انڊر لائين ڪن. آخر ۾ اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته هو اُهي نوان لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن.

| Word | Meaning |
|---|---|
| Chair | ڪرسي |
| Table | ميز |
| Black board | بليڪ بورڊ |
| Bag | ٿيلهو |
| Desk | بينچ |

### Classroom Activities

اُستاد ڪلاس جي شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ انهن کي هيٺ ڏنل سرگرمي شيٽ حل ڪرڻ لاءِ ڏيندو:

| | |
|---|---|
| How many windows are in your class?<br><br>توهان جي ڪلاس ۾ ڪيترين دريون آهن؟ | |
| What is the shape of blackboard in your class?<br><br>توهان جي ڪلاس جي بورڊ جي شڪل ڪهڙي آهي؟ | |
| How many tables are in your class?<br><br>توهان جي ڪلاس ۾ ڪيترين ميزون آهن؟ | |

| | |
|---|---|
| How many chairs are in your class?  توهان جي ڪلاس ۾ ڪيترين ڪُرسيون آهن؟ | |
| How many students are in your class?  توهان جي ڪلاس ۾ ڪُل ڪيترا شاگرد آهن؟ | |
| How many bags are red in your class?  توهان جي ڪلاس ۾ ڳاڙهي رنگ جا ڪُل ڪيترا ٿيلها آهن؟ | |

## Reading

اُستاد سڀ کان پهرين ڪلاس ۾ سينڊوچ طريقيڪار تحت سبق پڙهندو ته جيئن شاگردن کي سبق ۾ موجود لفظن جي معنيٰ ۽ سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي. اُن بعد اُستاد 2+3 طريقيڪار تحت سبق پڙهندو.

## Writing

اُستاد شاگردن کي سبق ۾ ڏنل لفظ پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکڻ لاءِ چوندو.

## Assessment

اُستاد ڪلاس جي سيني شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي هيٺ ڏنل ورڪ شيٽ ۽ اُن شيٽ ۾ لڳندڙ تصويرون پڻ ڏيندو ۽ هدايت ڪندو ته خالي خانن ۾ ڏنل تصويرون لڳايو.


| House | Picture | Classroom | Picture |
|---|---|---|---|
| Lamp | | Black board | |
| Bed | | Chair | |
| Mat | | Table | |
| Radio | | Desk | |
| Pillow | | Chalk | |
| Lamp | | Black board | |

# Unit 8

## Revision

### Reading and Writing Practice (pg# 44 to 47)

هن ڪتاب جو اٺون يونٽ Revision تي مشتمل آهي . هيٺ ڪجهه وڌيڪ سرگرميون ڏنل آهن . جيڪي اُستاد کي Revision ڪرڻ ۾ مدد ڪنديون. اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته هو پنهنجي تصوير ٺاهين ۽ پنهنجي باري ۾ چار جملا لکن.



My name is Aliya.
I am five years old.
I like to play.
I have a doll.

اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته شيون ڏسي اُنهن جا نالا لکو.











**Writing**

هيٺ ڏنل اکرن جي ننڍي شڪل لکو:

A ________ B ________ C ________ D________

هيٺ ڏنل لفظن ۾ وچ وارا ڪُٽل اکر لکي لفظ مڪمل ڪريو:

M ______ t

H ______ n

F ______ t

R ______ t

هيٺ ڏنل لفظن ۾ آخر وارا ڪٽل اکر لکي لفظ مڪمل ڪريو:

Spoo ______ Sta ______ Radi ______ Tre ______

## Activity


هيٺ ڏنل پزل گيم مان ڏنل لفظ چونڊيو:.pan, cap, rat, hat, ant, fan

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| d | c | s | m | a | t | p |
| c | a | n | p | g | i | a |
| i | p | b | a | t | m | n |
| f | e | y | x | d | h | t |
| a | f | i | a | g | e | s |
| n | b | y | h | a | t | o |
| z | r | a | t | u | r | t |


## Activity

**Colour the four main shapes in four different colors**

Color the green, circle shape.




Color the blue, triangle shape



Color the red, squire shape



***Activity Key:***



## Activity


اُستاد شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي هڪ ورڪ شيٽ ۽ جانورن جي تصويرن جا ننڍا ننڍا فليش ڪارڊز ڏيندو ۽ کين هدايت ڪندو تہ ڏنل ورڪ شيٽ ۾ جانورن جا ڪارڊ پنهنجي مرضيءَ مطابق لڳائين. انهي کانپوءِ ساڳين جانورن جي نالن جون پرچيون شاگردن کي ڏيندو ۽ کين چوندو تہ نالن واريون پرچيون جانورن واري شيٽ ۾ لڳايو.

| Animal Picture | Animal Name | Bird Picture | Bird Name |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| Lion | Dog | Cat | Goat | Elephant |
| Sparrow | Crow | Hen | Duck | Peacock |












## Activity

اُستاد ہارن کي هدايت ڏيندو تہ هيٺ ڏنل سرگرمي شيٽ ۾ Missing Vowel لکو.

H _______ N

P _______ N

M _______ N

J _______ G


## Activity

**Fill in the blanks by choosing the appropriate words**

1. I am a ………………… Boy, girl
2. My name is ……………… Hassan, Fahmida
3. I am ……………years old 1, 2, 3, 4, 5, 6, 7, 8. 9.
4. I study in class ……………1, 2, 3, 4, 5.
5. My hair is ……………Black, brown, golden
6. My eye color is …………… Black, green, blue
7. My eyes are …………………small, big
8. I have a ………………face. Happy, smiling, sad, shy.
9. I like………………color. Blue, green, red, black, brown

# Activity

اُستاد ٻارن کي هدايت ڪندو تہ هيٺ ڏنل خانن ۾ پنهنجي Body Parts جا نالا لکن.



**Sindh Education Foundation**
Government of Sindh
House # 21-A, Block 7 / 8 ,Overseas Cooperative Housing Society,
Ameer Khusro Road, Karachi. Ph : 021-341691411-5
021-34305753-4 , 021 - 34301460-3, Fax: 021 - 34169181
E-mail : info@ Sef. Org.pk Webside : www.sef.org.pk